# ڇهريون پٻار

”ڪيترن ڏينهن کان توکي اڳي وانگر جلدي ننڊ نٿي اچي.“

”هائو.“

”سبب.“

”هر ڳالهه کي سبب ضروري هوندو آهي؟“

”هوندو آهي.“

”بس ائين ته اسانجو ٻنهي ۾ تفاوت آهي، تون هر ڳالهه کي ڪل جو راندڪو سمجهي پرزو پرزو الڳ ڪري ڏسندو آهين؛ مان ڪل جي راندڪي ۾ سيتا هوندي، ڪرشن هوندو، رام هوندو ته نمسڪار ڪري ڇڏيندي آهيان.“

”انڪري ئي ته تون منهنجي اهڙي پيار جي لائق بڻجي سگهي آهين.“ شيرڪ پتنيءَ جو هٿ کڻي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ دٻائي رکيو. ”پر ڪجهه مونجهه آهي جو تنهنجي من کي ستائي رهيو آهي.“

لاجونتيءَ اونهو ساهه کنيو. پوءِ آهستي چيائين، ”هڪ سوال پيو منجهائي.“

"ڪهڙو؟"

"سوچيان پيئي، ڇا ڀيڻ ڀائرن پيار ئي سچو پيار آهي يا اهو به سڀني اڪثريءَ وانگر هڪ وهمي خيال آهي."

"ڏاڍو وڏو وڏو سوچڻ لڳي آهي منهنجي انگوري."
شيوڪ کلي ڏنو.

"نه چرچي جي ڳالهه ناهي."

"توکي منهنجو ڀائرن پيار ياد اچي ويو آهي ڇا؟"

لاجونتيءَ جي سر مان ڏپ جي ڌار لنگهي وئي. پوءِ به چيائين، "هٽ!"

شيوڪ مرڪي چيو، "ڏس انگوري، مون نه ڀائرن ڀائرن توکي ئي پيار ڪيو هو، تون ڀلي هاڻي ڇم ڪٺي نه سمڪداس کي تون مونکان وڌيڪ ٿي پائين، ڇو نه هو مونکان اڳ تنهنجي جيون ۾ آيو هو..."

لاجونتيءَ هٿ ڪڍي پتيءَ جي وات تي رکيو ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ مٿو هڻي چپ چاپ سمهي رهي. مگر اڄ رات ٿائين پئي هڪبڪي کي جواب نه ڏئي ندب جو ڀانئو ڪري رهيا هئا اها ڳالهه. سندن اندر واري جاڳي به ننڊ جاڳڻ چاهي.

شيوڪ اکيون مهٽي چيو، "اڄ تون اجهي پيئي جاڳين؟"

"نه هاڻي ئي اک کلي آهي،" چوندي لاجونتي پاڻ تان عجب ڪانئڻ لڳي. الاجي ڪيئن ڪيس هيءَ ڳالهه بلڪل نٿين لڳي. پتيءَ جي پيو ۾ پلنگ تي

وهندي چيائين، ”طوفان ۾ ڪهڙو پيو لڳي جو اڄ ٿي جلدي ڪرڻي اٿس.“

”جلدي اٿين ڪاله ايندي. سمهي پئه.“

”ڪو هوائي جهاز رستي ۾ هجي ۽ هيڏي طوفان ۾ جيڪر...“

”هاڻي سمهي به پئه، دنيا ڀر جي هوائي جهازن جي لاءِ توکي ئي چنتا لڳي آهي!“

لاجونتي چوڻ چاهيو ”ڇا اهو ڪوئي وڏو عزيز هجي ڇا اهو هجي جنهنکي سون ڀيرن ڀيرن چاهيو هو ته؟“

مگر لاجونتيءَ چيو ڪي به ڪين. حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو کيس احساس ٿيو ته ڪوئي راز اڪيلائي سان من ۾ ڪيئن ڳورو ٿي پوندو آهي. هاڻي بارش ڏاڍي زور زور سان وسڻ شروع ٿي ويئي هئي. لاجونتي پنهنجي مٿان ڪپڙو وجهي ڪروٽ بدلي ٻي وڇي ٻارن جي پيءُ ۾ سمهي سوچڻ لڳي، ”هر سال جهاز ڇو ائين ڪرن. ڇا ڪن ماڻهن جي ڪٿي ڪين انهن جهازن ۾ ڪٿي ايندي آهي. لڏهن سمنڊ جي ۽ ڪٿي...“

هاءِ رام! سندس بدن مان ورپ ۾ ڏڪڻيءَ جي هڪ ڏار لنگهي وئي.

من ڦٽڪاريو، ”هو ته تنهنجو ڪير لڳي جو اجايو هن جي مرڻ جيئڻ جو ويٺي خيال ڪرين؟“ پوءِ به الاجي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ ويٺو ڪوئي سُر سان ڳائي رهيو هو،

”ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪي جاڳان ڪهڙا ٻڌان ...“

جهڙو هو واڙو مدبل گهومائيل لهڙو ٿي ويو سمنڊ من ۔ ڪيڏي مهل اها پيچ ڪهڙ ڪندي سمنڊ اکين مٿان لنگهي ڌاري تي ويٺي، اها خبر ڪيس بـه ڪانه پيئي. صبح جو اٿي جڏهن دوان جا پردا مٿي ڪيائين، ۽ دروازو سڄي جو سڄو کولي وڌائين، تڏهن آسمان تي نظر پيس. سارو آڪاس صاف ٿي چڪو هو. لاج آيل اخبار ڪڍي. ڪوٺي جهاز ڪين ڪريو هو. سمنڊ من بـه آڪاس جيان صاف ٿيڪي ويو. جلدي اسٽو ٻاري چانهه رکي آئي. ڏاڍي لاڏ پيار سان هڪ هڪ ٻار کي اٿارڻ لڳي.

شيوڪ بـه اُٿيو ۽ وهاڻو گوڏن تي رکي چيائين، ”چوري، ٻارن کي تـه ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان ويٺي اُٿارين ۽ باقي انهن ٻارن جو خلقيندڙ مان جيڪو هتان هتان آيو آهيان؟“

لاجونتي ٻهراڻ تـه شڪجي ويئي. چيائين، ”مون اٿين ڪٿي چيو؟“ اليٽي ٻاڻ سڌيالي چيائين، ”اڇا چوري چوري ٻيا ڪريو. ٿـن ٻارن جي ماڻ کي بـه ڪڏهن چوري سڏيو آهي؟“

شيوڪ پنهنجو منهن مهٽيندي چيو، ”اهي ٻـنـل وارن جون ڇڪون تـه وڃي آرسيءَ ۾ ڏس، ڪير چوندو ڪنواري ڇوڪري ٿي لڳين؟“

لاجونتي شرمائجي ويئي. شيوڪ ٿهي سڌيري آفيس

روانو ٿي ويو. ٻـه ٻار به سڪول روانا ٿي ويا. لاجوءَ ننڍڙي ڪڪي جـون ٻانهون ڳچيءَ ۾ وجهي جـو پيٽ تي ٽنگيل فوٽي تي نظر پئي تـه ڏڪي وئي. فوٽي ۾ هڪ ڇوڪري رات جي اندهيـري ۾ ڪاري ٽارن پرال لوڻي پائي پيئي رهــي هئي. هيٺان لکيل هو، "اڀسارڪا".

لاجونتيءَ سڄي گهر تي نظر ڦيرائي. هر چيز بلڪل ٺاهوڪي اموڙي رکيل هئي. ڪيس پاڻ تان ڏاڍو عجب لڳو تـه هي سڀ ڪم ايترو جلد ڪيئن پورو ٿـي ويو هو. من پڇيو، "ڪٿي ٿون ٿي نه اڀسارڪا ناهين؟" لاجونتيءَ زور سان چيو، "ڇي." ۽ اٿي مورهه ورائي اٿي ڪري ڇڏيائين. ڪيترو وقت ڪڪي سان راند ڪندي رهي، پر ساڳئي من ۾ هڪ پي ناري هئي جا ڪٻٽ اندر پيل سيڪي ساڙهين جا رنگ پنهنجي بدن تي مٿي ڪري ڏسندي ٿي وئي. ڪيس ڪـکي ساڻي رنگ جي وڏن پيلن پوٽــن واري ساڙهـي پسند اچي وئي. "اها ساڙهي پائــي جڏهن پنڊڪ ۾ پئسا رکڻ وئي هئس، تڏهن تئين مئنيجر پاس ٻڪ ۾ 'شريمتي' لکيل ڏسـي مٿي ڪنڌ ڪيو هو ۽ سوال ڪيو هئائين، "شريمتي؟"

تڏهن ان ساڙهيءَ ۾ مان "ڪماري" لڳندي آهيان. هائو. ڪماري لاجو دانسڳاڻي ۽ تڏهن مٽرڪ ۾ تـه هئس، جو سدمڪ ڪوٽاڻي ڇوڪي پٽي چيو هو، "اي

ڪماري! هاڻي هتي شرافتي حڪومتائي لڪي ڇڏ."

"وچ وچ."

"دل سان ٿي چوين؟"

"نه دماغ سان ... توکي هر ڳالهه ۾ ٺڪُر آهي."

"جڏهن ڪاليج ۾ امتحان ڏيڻ هلندينءَ، اتي سوين ٻيا ڇوڪرا ۽ نه ايندا."

"اچڻ ڏين. ڪنڊ جي گڏي نه ناهيان، جڏهن ڪي ڇهي هٽي ڪاٿي ويندا."

ان هوندي به، هڪ ڏينهن سڌوڪو لکيو هو، "تون منهنجي دوست شيوڪ سان اهڙو وڏي وڃي آهين، جو مونکي ڊپ ٿو لڳي ته هو منهنجي ڪنڊ جي گڏي ڪاٿي نه وٺي." ۽ ٻئي ڏينهن کان پوءِ وري هڪ خط لاجونتيءَ جي هٿ ۾ مليو، جنهن ۾ لکيل هو، "تون خود ٿي ڪنڊ جي گڏيءَ جي ٻهر ڇڏي ڏني ... اهڙي منهي عورت خطري جي گهنٽيءَ جيان سڪه ڦنائيندڙ آهي."

انکان پوءِ لاجونتي ڪهڙيءَ طرح ايمار ٿي ڪري هئي ۽ ڪهڙيءَ طرح شيوڪ سائس همدردي ڪندي ڪندي ٻلڪل سوامن جي ويجهو ٺهڪي ويو، سا هڪ مختصر ڪهاڻي هئي، جنهن ۾ لاجونتيءَ کي اڄ الائي ڇو ڪو به مداس نٿي نظر آيو. سڀ جي روشنيءَ ۾ رکيل ڇيڙن جيان حال جي ڇڪيڻي ڇيون جو ڇتر ــ ٻلڪل ٿي ڪروپ هو. ڏنڌ جي پردي ۾ بيٺل ماضي ڪلاڪ ڇتر جيان ٻلڪل ٿي لپائيندڙ هو.

هفتو گذري ويو. روز لاجو ايسارڪا جي فون ڪري ٻڌندو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ آيا جڏهن گهر جو فرنيچر ۽ مورتون اگهندي ڇنڊيندي هئي تہ ڏهن وري ان فون کي سڀ تو ڪري ڇڏيندي هئي. ان وچ لاجونتيءَ کي سمڪ ٻابت ڪجهہ خبرون ٻڌي ڇڪيون هيون. هو آمريڪا مان موٽڻ سان وڌيڪ ٺاهوڪو، وڌيڪ شاندار ٿي آيو آهي. سندس دروازي تي گاڏي بيٺڪي وارو نوڪر ڪٽو آهي. ڳالهائڻ ۾ ٽپ ٽپ تي کلي ٿو ڏئي ۽ چرچا ٿو ڪري. وڏين سؤنين سان سان ڪانيوءَ گڏيو تہ ڀاڪر پائي گڏيو...

وٺي ڪانيندي هڪ ڏينهن لاجونتيءَ پتيءَ کان پڇيو، ”پنهنجي دوست وٽ ڪڏهن ٿا هلو؟“

”سمڪ وٽ نہ؟ هلبس ڪڏهن.“

”ڪڏهن؟“

”ڇو توکي سڪ لڳي آهي ڇا؟“

”نہ نہ. چٽريءَ ڳالهہ ٿي ڪئي، هفتي کن ۾ واپس وڃڻو آهي.“

”ڀلا، تہ نہ آيو آهي.“

لاجونتيءَ ڪڇيو ڪين. ڪلهي من جو ڇور ٻيڪڙ جي نہ ٻري، انڪري چپ رهي. ٿي ڏينهن ٻيا بہ گذري ويا. سمڪ جو ذڪر ٿي نہ نڪتو. ڇنڇر جي ڏينهن شيوڪ چيو، ”اڄ مٺڙي شو ۾ پڪچر تي هلنداسين.“

”مان نہ نہ هلنديس.“

"مون ته آفيس ۾ ٽڪيٽون به ڇپي ڇڏيون آهن."

"مان نه هلندس،" لاجونتيءَ جي من ودروهه ڪيو –
ڇا مدمڪ کيس ياد به ناهي؟ رڳو آفيس جا دوست ئي
ياد اٿس!

"ته هل ته نه هل، مونکي ته وڃڻو ئي پوندو." ۽
پيار ئي وڃڻ مهل لال کي ڳل ۾ چمونو پائي چيائين،
"وڃين ٿي ڇمڪندي، ڇا ٿي ڪئين؟"

لاجونتي آرسيءَ وٽ اچي منهن ڏٺو. ڳل سڄو
ڳاڙهو لعل ٿي ويو هو. سمجهائين هاڻي هوءَ سوچي
ڪجهه به نٿي سگهي. ڪل ٿي هلندڙ پتليءَ جيان ڪبٽ
وٽ پهتي ويٺي ۽ ساڻي لکي رنگ جي پيلن بوٽن واري
ساڙهي سندس بدن کي جڪڙي ويٺي.

آرسيءَ چيو، "ڪير ٿو چوي، تون ٽن ٻارن جي
ماءُ آهين؟"

آيا پڇيو، "ممي جي ٻاهر ٿا وڃو؟"

"ها، ۽ تان جيستين نه موٽان تيستين گهر ڇڏي ٻاهر
نه وڃجو." لاجونتي جڏهن ميڪ اپ ڪري ورتو،
تڏهن هوا خود بخود سرڪي کيس جڳهه ڏيڻ لڳي، ڄڻ
ڪنهن راڻيءَ اڳيان ڪانداس پاڻ ڪري ڪوني اڳتي
هلندي ٿي ويئي. اس ۾ چڙهي ته بس پڳل وسني تان
انهن هلندي ٿي ويئي، گويا آسمان تائين پهچڻو هوس.
ليڪن کيمس ڪارلو وٽ اس بيٺي ته لاجونتي جي
دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هڪ من چيو، "مونسي

هل." مگر قدم چوري، "اڳي ڪڏهن ڪنهن ڳالهه ۾ هٽيا آهيون، جو اڄ هٽنداسين." پوءِ به من ۾ ٻڪساهي الاهي ولوڙا پيدا ٿي ويا. هلڪي بوند شروع ٿي. لاجونتي ساڙهيءَ جو ڦر ڦر ڪندڙ پلئه کڻي مٿي تـي رکيو. جيئن برسات ۾ ميڪاپ ڦٽي وڃڻ جي ڊپ کان ٽڪڙي ٽڪڙي ڀڄندي سمڪ ولا ڏانهن ٺٺي ويئي، ليڪن کيس اها 'اپسارڪا' واري شڪل ياد اچي ويئي. اوچتو لاجونتي ڏٺو ته سمڪ ولا جي "پهريدار" جي سامهون بيٺي هئي.

"ڪون مانگتا هيءِ؟"

"سمڪداس." لاجونتيءَ کي پنهنجي دل جـي ڌڙڪڻ تيز ٿيندي محسوس ٿي. دروازي جي گهنٽي وڄائي جيئن ئي اندر گهڙي ته ئي سمدس اکيون ڦاٽـي ويئون. سڄو گهر بلڪل نئين ڍنگ سان سجايل هو. ڇتين تي پکا، جـاڙن ۾ فرانچ پورٽون، هڪ دريءَ مٿان ڪنهن ننڍي عورت جي وڏي شاهي مورتي، چمڪندڙ فرنيچر... لاجونتي اڃا ڏسي ئي رهي هئي جو وڏي ڊگهي گائون ۾ دروازي جي وچ ۾ بيٺو هو سمڪداس.

"هوءَ (ڪير) لڳو!"

"ڇو، تون سڃاڻين؟"

"ڪم ڪم انسائيڊ... (اچ اندر اچ)"

"او ته ٻاٽيهي ياد به نه ڪيو. هيتري وقت ۾ آئين

۾ ڪونهِ."

"او آءِ ائم ساري، لڳجو! (او مونکي ڏکي آهي، لڳجو) فرينڪلي اسپيڪنگ، آءِ فرگاٽ (سچ ته مونکي وسري ويو.)

"يو نو فرسٽ لو نوُ؟ (پنهنجو پهريون پيار نه.)"

"لو؟ (پيار؟)" چوندي سمڪ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، "هوُ ڪيئرس فار لو، لو از نٿنگ بٽ لسٽ ڊيئر. (ڪنهنکي پرواهه رکي آهي پيار جي. اهو ٻيو ڪجهه ڪينهي. رڳي ڪام واسنا آهي.) ول واٽ ول يو ڊرنڪ، وسڪي، براندي، شيمپين آر بيئر؟ (ڇڱو ٻــڌاءِ ڇا پيئندين، وسڪي، براندي، شيمپين ڪي بيئر؟) چوندي سمڪ سڌي اچي لاجونتيءَ جي چوڌاري پنهنجي ٻانهن ورائي ڇڏي. لاجونتي ڊڄي وئي. ور ڪائي ٻانهن مان پاڻ کي آزاد ڪري ڇڏيائين.

"ڇو سائينجن ڪسي پنهنجي پهرئين پيار جي اڄ ٻانهن ۾ نٿي وٺي؟" سمڪ اکر اکر تي زور ڏيئي ٺٺوليءَ طور سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.

"هي تون سمڪ ٿو ڳالهائين! اڳهن ته اهڙو ڪونه هئين."

"يا. سمڪ آف اسٽيٽس اسپيڪنگ لڳجو (هائو، امريڪا جو سمڪ ٿو ڳالهائي لڳجو) يوُ آر ويري سينٽيمينٽل. گڊ، آءِ ڊونٽ مئري يوُ (تون ڏاڍي

جتي ٻائي آهين. ڇڱو جو توسان شادي نه ڪيم) آءٌ گيت
ٿو وڄن گول وڃن ائين آءُ واڻت (مان نه جڏهن ته چاهيان
تڏهن ڪنواري ڇوڪري ٿي هٿ ڪري سگهانٿو)
وقت ڏالرس آ ڪٽڻ ٻاهه ائبوري لڳڪ، ائين فرست لڳو.
(ڏالرن سان مان هر ڪا چيز خريد ڪري سگهانٿو،
ٻهر ٻون ٻيار ...) چولدي سمڪ. وڏا ٺهڪ ڏيڻ لڳو؛
سؤ سؤ وارا ٻي نوٽ ڪڍي ڪٽي لاجونتيءَ جي
اڳيان رکيائين.

لاجونتي ٻاهر نڪري وئي. ڪٽي اهي نوٽ ڦاڙي
ڪري سمڪ جي منهن ۾ اڇليائين.

سمڪ اهي ٽڪرا چمندي رڙ ڪري چيو، "ڏالرس
مدهڌا ٻهر ٻان ٻيار."

لاجونتي پنهنجي دروازو زور سان بند ڪري، ٻاهر
نڪري وئي. روڊ تي اچي هڪ ٽئڪسيءَ کي
بيهاري چيائين، "باندرا چلو."